سماجڪ ڪهاڻين

جو

مجموعو

سوامي

ليکڪ:

ايم. ڈي. ياڈيم، اجمير

سوامي

(سماجڪ ڪهاڻين جو مجموعو)



ليکڪ :
ايم. ٽي. ڀاٽيه
ايم. اي
اجمير
ٽيليفون نمبر 32766

فهرست

Swami

Collection of Social Short Stories

By

M. T. BHATIA
M.A.
508/25, Bhang Baori, AJMER-305001
T. No. 32766

First Edition : **1996**

Published by :
M. T. BHATIA
M.A.
508/25, Bhang Baori, AJMER-305001

Printed by :
SUNDER PRINTING PRESS
Kaisar Gunj, AJMER-305001

Price ; Rs. 20/-

سوکڙي طور ليکڪن کي موڪليو ڪاپيءَ ۾ اُن ڪتابن جو پيار گهر ۾ رکي ٿو ڇڏجي. C.H.D. وارن گڏ رهي ۴ سالن کان سنڌي ڪتاب ڇپي ڪاري خريداري ڪرڻ ڪئي آهي. ليکڪ جي حالت اهڙي اچي ٿي آهي جو ڪتاب لکي ڇپائڻ هڪ قسم جي تڪليف پئي مسئلو ٿي پيو آهي. راجستان اڪادمي وارن جو ساٿ آهي جو ڪتاب ڇپجي ٿو ۽ نه ڪنهن ۾ ليکڪ کي اڪيلي سر طاقت اڄڪلهه جي وقت ۾ ڪونهي آهي جو ڪتاب ڇپائي سگهي. اڄڪلهه سنڌي پڙهندڙ ٻالڪ ڪونه رهيا آهن ۽ نه ورلي ڪنهن کي وقت آهي جو ڪتاب پڙهي.

مان شڪرگذار آهيان شري ڪشن موٽواڻي ۽ سنڌ پرڪاس وارن جو جن مون کي ڪتاب مشڪل حالت ۾ ڇپي ڏنو. پڙهندڙن جو مان ٿورهوندي مسز ليلا ڀاٽيه کي وساري نٿو سگهان جو هن عمر ۾ مون کي ساٿ ڏئي رهي ٿي.

ايم. ٽي. ڀاٽيه اجمير

منهنجا ٻه اکر

سوامي منهنجو پهريون ڪتاب آهي. منهنجا ۴ ڪتاب ڪاڄڪي رام ۽ ڪرفيو مزاحيه ڪتاب آهن. ڪنواري ۽ ڪاڄڪي ڪنٽي سماجڪ ڪهاڻين جا ڪتاب آهن. منهنجي ڪتابن ۾ سماجڪ جون اوڻايون مزاق جي روپ ۾ پيش ڪيون ويون.

هن سوامي ڪتاب ۾ سڀ سماجڪ ڪهاڻيون آهن. اڄڪلهه جي وقت ۾ ڪتاب ڇپائڻ هڪ مٺي جو سور آهي. اڳ ۾ ڪتاب ڇپائڻ ۾ ايتريون تڪليفون ڪونه هونديون هيون جيتريون اڄڪلهه جي وقت ۾ آهن. اڄڪلهه ڪامپوزيٽر ڪونه ٿا ملن. جيڪڏهن ملن ٿا ته ڪامپوز ڪرڻ ۾ ايتريون غلطيون ٿا ڪن جو پروف ڏسندي اکين ۾ سور اچي پوي ۽ غصو پئي طرف اچي. ڪتاب ڇپائڻ معنيٰ پنهنجي طبيعت خراب ڪرڻ آهي. هر وقت پريس جا چڪر لڳائڻا ٿا پون. ڪتاب ڇپجڻ کانپوءِ به ڪافي غلطيون ڪتاب ۾ رهجي ٿيون وڃن جنهن ڪري ڪتاب پڙهڻ جو مزو نڪري ٿو وڃي. ڏينهون ڏينهن سنڌي ڪتاب پڙهڻ جا پاٺڪ به ڪي ورلي ورلي آهن. ڪتاب ڇپائي ڪري گهر ۾ رکيا آهن يا ڪي ڪتاب

سوامي

اڄ سوامي مهراج سان خبر نه آهي نه ڪهڙي ڳالهه ٿي هئي جو هو اڃان تائين جاڳي رهيو هو! سوامي جن جو اهو اصل نيم هو ته هو رات جو 8 بجي بتي وسائي ڪمرو بند ڪري ڇڏيندو هو. وري صبوح جو 3 بجي اٿندو هو. پر اڄ سندس شش هري شرڻ ڏسي رهيو هو ته سندس گرو کي ننڊ ڪو نه ٿي آئي. هن اهڙي حالت پهرين گرو جي اڳ ڪڏهن نه ڪو نه ڏٺي هئي.

هري شرڻ پنهنجي گرو جي سيوا ۾ گذريل 15 سالن کان هو. هري شرڻ پنهنجي گرو جي هر ڪنهن ڳالهه کان واقف هو. سندس گرو پورڻ روپ ۾ سنياسي، ڪامل پرش، پهچل انسان ۽ دنيا کان پري هو. سندس گرو وقت ڪو نه ايندو هو ته سندس گرو هميشه مشڪي، ڪومل هردي ۽ مٺي واڻيءَ سان دکي دلين کان سندن دل جو حال وٺندو هو. ڪنهن ڪالهوءَ کين هر هڪ ڳالهه جي صلاح ۽ سماڌان نه ڪندو هو. ڪو غريب ايندو هو ته الهيءَ کي اڪي پئسي جي مدد به ڪندو هو.

پر اڄ گرو مهراج اڪيلو ويٺو هو ٻتي ٻري رهي هئي هو ڪجهه سوچي رهيو هو. سوچيندي سوچيندي

Gratitude

This book is published with Partial Financial aid given by Rajasthan Sindhi Akademy.

شڪر گذاري

هي ڪتاب راجسٿان سنڌي اڪاڊمي طرفان مليل آنشڪ مالي مدد سان ڇپيو ويو آهي.

आभार

यह पुस्तक राजस्थान सिन्धी अकादमी द्वारा प्रदत्त आंशिक आर्थिक सहयोग से प्रकाशित किया गया है।

سچو ڏينهن ڪٽيا کان ٻاهر ڪو نه نڪتو. هري شرڻ کانسواءِ سڀني ششن انهن ۾ سمجهيو ته گرو مهراج شايد ڀڄتي ڪري رهيو آهي، ڪنهن به شش کي اها خبر ڪانه هئي ته گرو مهراج سان ڪهڙي ويڌن آهي؟ شام جو گرو مهراج ستسنگ ڪرڻ ويٺو. ٻئي ڏينهن به اهين آيو ته ستسنگ ۾ اهائي صبوح جهڙي ڳالهه هئي. سڀئي ستسنگي پاڻ ۾ سس پس ڪرڻ لڳا، ڪنهن کي همٿ ڪانه ٿي اٿي ته گرو مهراج کان پڇن ته ڪهڙي ڳالهه آهي؟

رات جي وقت هري شرڻ سانجهي روٽڪار ڏني. اها حالت گذريل هفتي کان هلندي پئي آئي. هري شرڻ کي ڏاڍي تڪليف ٿي رهي هئي پنهنجي گرو جي حالت تي. گرو مهراج شام جو گهمڻ ويندا هئا، پر اهو به بند ڪري ڇڏيائون. نيٺ هري شرڻ کان رهيو ڪونه ٿيو. هو سڌو گرو مهراج جي ڪمري ۾ گهڙي ويو. گرو مهراج هري شرڻ کي ڏٺو ته سندس ڇرڪ نڪري ويو. هري شرڻ پنهنجي گرو جا پير پڪڙيندي چيو، ”گرو مهاراج، منهنجي بي ادبي لاءِ مونکي معاف ڪريو جو مان بنا موڪل جي توهان جي ڪمري ۾ گهڙي آيو آهيان. مان توهان کي گذريل هفتي کان هن حالت ۾ ڏسي رهيو آهيان مان پاڻ کي روڪي نه سگهيس توهان

سندس اکين مان ڳوڙها ڪرڻ لڳا. سيٺيءَ شش پنهن جي پنهن جي ڪمري ۾ سمهيا پيا هئا. پر هري شرڻ جاڳي رهيو هو. هري شرڻ پنهن جي گرو جي اهڙي حالت ڏسي ڏاڍي سوچ ۾ پئجي ويو. کيس همت ڪو نه ٿي ٿي ته هو وڌي ڪري گرو کان پڇي ته ڪهڙو سبب آهي جو توهان جي اکين مان ڳوڙها ڪري رهيا آهن؟ ڇاڪاڻ ته سندس گرو کي غصي جي ماترا وڌيڪ هئي. مٿان وري رات جا ٻارهان ٿيا هئا پر گرو مهراج اڃان سمهڻ جي ڪو نه پيو ڪري ۽ نه وري هري شرڻ کي ننڊ پئي اچي. ليڪن ننڊ ٻنهي جڻن کي پنهن جا لهر هنيا. خبر نه آهي ته ڪهڙي وقت گرو ۽ چيلي کي ننڊ آئي!

گرو مهراج پنهن جي نيم انوسار صبوح جو ستسنگ ڪرڻ لاءِ ويٺو پر گرو مهراج اڄ ستسنگ ڪجهه تڪليف ۽ درد ڀري آواز ۾ ڪري رهيو هو. ستسنگين ائين ٿي سمجهيو ته گرو مهراج کي شايد اڄ ڪا تڪليف آهي. تنهن ڪري دک ڀرئي آواز ستسنگ ڪري رهيا آهن. ستسنگ پوري ٿيڻ کان پوءِ گرو مهراج پنهن جي ڪمري ۾ هلي ويو.

هري شرڻ اهو سڀو رنگ ڏسي رهيو هو؟ سوچي رهيو هو ته گرو مهراج کي ڇا ٿيو آهي؟ اڄ گرو مهراج

جڏهن ڏٺائين عورت ٽهڪ ڏيندي هئي، انهيءَ
راس گرو مهراج کي ننڊ ڪونه ايندي هئي ۽ ڏاڍو
پريشان ٿي پوندو هو. پر جڏهن ڏٺائين هوءَ چپ
ڪري نڪري ويندي هئي ته گرو مهراج آرام جي
ننڊ ڪندو هو. سو ڇو؟ اها ڳالهه هري شرڻ سمجهي
ڪونه سگهيو. هوءَ عورت مهني ڪن کان جهنگل ۾
رهندي هئي. هڪڙي ڏينهن هري شرڻ جي زور
ڀرڻ تي گرو مهراج انهيءَ عورت جي ماڙي ۾ پهتو.
گرو مهراج چوڻ لڳو، "اي منهنجا پيارا هري شرڻ!
اها عورت تون جيڪا روز ڏسين ٿو، سا منهنجي
زال آهي. مان هن کي ٢٠ سال اڳ ٻن ٻارن سوڌو
ڇڏي ڪري گهر مان نڪري ويس. مان هڪ وڏو
سيٺ هيس. مون وٽ سڀ ڪجهه هو. نوڪر چاڪر
پئسو، ڪار ۽ عزت به هئي. پر منهنجي زال منهنجي
لاءِ هڪ قسم جو ڪارو داغ هئي. جنهن ڪري مون
ڏٺو ته ماڻهو مون تي آڱر کڻڻ لڳا. انهيءَ حالت جي
ڪري اسان ٻنهي جي وچ ۾ جهيڙو ٿيندو هو.
هڪڙي ڏينهن جوش ۾ اچي مون گهر ڇڏي ڏنو ۽
هيءُ ويس ڌارڻ ڪيم. تڏهن سان گڏ گهر جي به خبر
رکندو آيس. مون کي خبر پيئي ته پٽ ٻئي آفيسر
ٿيا آهن ۽ زال گهر کان ٻاهر نڪري ڇڏي ڏنو آهي.
هڪڙي ڏينهن هوءَ به لوڪن جي طعنن ڪري گهر

ڪري مان توهان جي ڪٿا ۾ ڪهڙي آيو آهيان"
وڌيڪ هري شرڻ چوڻ لڳو" گرو مهراج مان توهان
جي شيوا ۾ گذريل ۱۵ سالن کان آهيان. پر مون
توهان جي اهڙي حالت اڳ ڪڏهن به ڪونه ڏٺي
آهي! اڄڪلهه توهان کي ڇا ٿيو آهي؟ توهان سان
ڪهڙي ويڌن آهي؟ توهان مونکي پنهنجو پيار
سمجهي سڄو حال ٻڌايو." هري شرڻ جي ليلائڻ ۽
ٻاڏائڻ تي گرو مهراج روئي ويٺو. گرو مهراج کي
روئندو ڏسي، هري شرڻ به روئي ويٺو. ليڪن گرو
مهراج ڪلاڪ کن رنو. گرو مهراج جي روئڻ ڪري
سندس دل جو بوجهه هلڪو ٿيو. گرو مهراج هري
شرڻ کي چيو ته هيءَ هڪ راز آهي، جو مان توکي
ڪنهن وقت تي ٻڌائيندس، ته مان ڇو پريشان آهيان؟
گرو مهراج پنهنجي نيم مطابق روز شام جو گهمڻ
ويندو هو ساڻس گڏ سندس شش هري شرڻ به
هوندو هو. گرو مهراج گهڻو ڪري جهنگل طرف
گهمڻ ويندو هو. جيئن گرو مهراج جهنگل ۾ گهمندو
هو ته الهيءَ وقت کيس هڪ عورت ملندي هئي.
جنهن کي گرو مهراج ڪجهه به ڏيندو هو. گرو
مهراج الهيءَ عورت کي عزت ۽ پيار سان گهوري
نهاريندو هو. هوءَ عورت به گرو مهراج کي گهوري
نهاري ڪري وڏو ٽهڪ ڏئي هلي ويندي هئي.

هو ڇپ ڪري نڪري ويندي آهي ته
انهيءَ جو مطلب آهي ته هو ٻاهر شرمندي ٿيندي
آهي ۽ چوندي آهي ته مون ڪٿرو نه. توهان سان
انياءُ ڪيو! ائين چئي ڪري گرو مهراج ٿڌو ساهه کنيو.

گرو مهراج اڳتي چوڻ لڳو، بت هرٻشرڻ،
منهنجي مرڻ ڪانپوءِ تون گاد ٻسر ٿبج. هيءُ منهنجي
آخرين راءِ آهي. صبوح جو جڏهن وقت تون موالڪي
شانت ڏسين ته سمجهان ته مون هيءُ چولو ڇڏيو
آهي. مڏهن جو ڪريا ڪرم تون ڪج. انهيءَ
عورت کي وٺي اچج. ٻارن جي الڀرٻس ٻيٺيءَ ۾
ٻيٺي اٿئي. انهن کي ٿار ڪري گهرائي وانج. مون
کي ٿمستائين نه ڪٺبج جيستائين منهنجا ٻار نه اچن.

گرو جي ٻڌاءِ وچن مطابق هرٻشرڻ صبوح جو گرو
کي ٻدم آسڻ جي روپ ۾ شانت وٺل ڏٺو. ائين
ٿي لڳو ته هو سماڌي ۾ آهي. ٻر ائين ڪونه هو.
جوت سان جوت ملي وئي هئي. سندس ٻدڻي
گوڏن جي ڏولي تي آلا داغ هئا جيڪي شايد
سندس ڳوڙها هئا. گرو مهراج جي زال کي هرٻشرڻ
ماءُ جي روپ ۾ ڪٺيا ۾ وٺي آيو. ڪرن ٻڏهجي
سوامي کي ڏسندي مور ڇت ٿي وئي ۽ سندس
گود ۾ ٿران ڏنا. گرو مهراج جي ٻارن کي گهرائو ويو.

ڇڏي اٿي. هوءَ مون کي ڳولهيندي رهي. کيس
خبر هئي ته مان زنده آهيان. مان ڪٿي آهيان اها
کيس خبر ڪانه هئي. مان ته دنيا جون سڀ ڳالهيون
ڇڏي ايڪانت روپ سان ڀڳتي ڪرڻ لڳس. هڪڙي
ڏينهن مان جيئن نيم انوسار جهنگل ۾ گهمي رهيو
هوس ته ڪنهن عورت جي رڙ جو آواز ٻڌم. مان
انهيءَ آواز طرف وڌيس. مون جڏهن هن عورت
کي ڏٺو ته، اها عورت منهنجي زال ڪرن
هئي. جيڪا منهنجي ڳولها ۾ نڪتي هئي. مون
سمجهو ته هن عورت مونکي ڪونه سڃاتو آهي.
مون عورت کان پڇيو ته تون ڇو روئي رهين آهين؟

هن جواب ڏنو، "رڙ جو ڪارڻ سامهون بيٺو
آهي. مان روئندس نه، ته ڇا مان کلندس؟"

سندس اهي اکر ٻڌي ڪري منهنجي پيرن هيٺان
ڌرتي نڪري وئي. انهيءَ ڪري مان رات جو
سمهي نه سگهيس. مونکي ويڪ جا ويڻ ٻوڙڻ لڳا
۽ پراڻي ياد تازي ٿيڻ لڳي. مان هن وقت ٻن ٻاهين
۾ آهيان. مان انهن ۾ اٿو ڇٽي سگهان ته، هوءَ ڪا
منهنجي زال آهي ۽ انهن ۾ اٿو ڇٽي سگهان ته هوءَ
منهنجي زال ڪونه آهي. هوءَ جڏهن وقت کلندي
آهي ته انهيءَ جو مطلب آهي ته تون ڪيترو نه
ڪمزور آهين جو گهر ڇڏي ڀڄي وئين. جڏهن وقت

شيلا

موهن پنهنجي گهر جي آفيس ۾ ڪم ڪري رهيو هو. سندس گهر ۾ آفيس الهيڪري هئي جو موهن سوشل ورڪر هو. ساڻس ملاقات ڪرڻ جي جڳهه سندس گهر هو. موهن پنهنجي ڪم ۾ رڌل هو ۽ ڪنهن سوچ ۾ ويٺو هو. اهڙي ۾ سندس آفيس ۾ هڪ زال، ٻه ٻار ۽ هڪ مرد اندر گهڙيا. سندن اندر گهڙڻ جي سڌ موهن کي ڪا نه پئي. هو اهڙي سوچ ۾ هو جو هنن ٻارن جي گوڙ جي آواز جي خبر ڪا نه پيئي. سندس سوچ جي ڌارا کي ٽوڙڻ لاءِ آيل عورت چيو، "دادا نمستي". پر دادا جواب ڪو نه ڏنو. ٻن ٽن دفعن جي آواز ڏيڻ کانپوءِ به هن ڪو به جواب ڪو نه ڏنو، انهن کي محسوس ٿيو ڄڻڪ موهن دادا زنده ڪو نه آهي.

ڇوڪري همت ٻڌي زور سان چيو، "دادا نمستي". ڇوڪري جي آواز ٻڌڻ کانپوءِ موهن جي سوچ جي ڌارا ٽٽي آيل ڇوڪري سوال جي لوع ۾ موهن کان پڇيو، "دادا توهان مونکي سڃاتو؟ مان ڪير آهيان؟"

موهن اکين تي چشمو مٿي ڪري، ڏاڍي غور سان ڏسڻ لڳو. انهيءَ وچ ۾ ٥-٦ منٽ گذري ويا،

جن ٻڌڻجي ماڻهن پيءُ جو درشن ڪيو. هڪ ارڙي
ڀڄاءِ ۾، ارڙهون نڪتيون جيڪي سڀني ٻارن جون
ارڙهون هيون ۽ انهن سڀني نڪتن جون ارڙهون هيون،
اهو ڳالهه جي سکجي. ٻئي ڏولي جوڙ لڳي ويا.
ٻڌڻي جون الڳ الڳ ساڻيون ڏاهيون واون.

★

پنهنجي زال ڏانهن اشارو ڪندي چيو، "نرملا هيءَ
شيلا آهي"

نرملا جواب ڏيندي چيو، "ڪهڙي شيلا"؟

موهن نرملا کي چيو، "هيءَ اها شيلا آهي جيڪا
١٠ سال اڳ اسان جي گهر آئي هئي. سندس گهوٽ
ٽرڪ ڊرائيور هو. سندس گهوٽ ٽرڪ حادثي ۾
گذاري ويو. هن کي هڪ ڌيءَ هئي، جنهن کي هن
جي ساهرن پاڻ وٽ رکي ڇڏيو. هن کي گهر مان
ڪڍي ڇڏيو. سندن مائٽن هنکي ٻي شادي ڪرڻ
لاءِ چيو، پر هن "نه" ڪئي. هيءَ پنهنجي سس ڏي
قائم رهي. هيءَ گهر ڇڏي اسان وٽ آئي. مون
ڪيس ٻاري ڀواس ۾ رکايو. انهيءَ ڪانپوءِ ڇا ٿيو
انهيءَ لاءِ مونکي خبر ڪونه آهي؟" نرملا جنهن وقت
سڀ ڳالهه ٻڌي ته سندس پراڻي ياد گيري تازي
ٿي پئي. نرملا شيلا کي ٻارن سميت رهڻ ڪاڻ
لاءِ چيو.

شيلا جواب ڏيندي چيو ته اسان هوٽل ۾ لٿل
آهيون. اسين وري سڀاڻي ايندا سين. توهان وٽ رهڻ
جو روني ڪائيندا سين. توهان جي رهڻ ڪانپوءِ توهان
کي اڳتي جي زندگي ٻڌائيندس ته مان هن زندگي
۾ ڪيئن آئي آهيان. ٻئي ڏينهن شيلا گهوٽ ۽ ٻارن
سميت رهڻ لاءِ آئي. هن پنهنجي زندگي جو ورق

پر موهن هن آيل ڇوڪري کي ڪونه سڃاتو. ڇوڪري پنهنجائپ ۾ چيو، "دادا مان آهيان شيلا"

موهن چيو، "ڪهڙي شيلا"!

شيلا چوڻ لڳي، "دادا اُها شيلا آهيان جنهن کي توهان ١٠ سال اڳ ناري نواس ۾ رکايو هو."

موهن شيلا جا اهي اکر ٻڌي ڪري هڪدم سڌو ٿي ويو. هن کي شيلا جي ڳالهه ياد اچي وئي ڪانواس پڇيائين ته هيءَ سڀ ڪير آهن؟

شيلا چيو، "هي منهنجو گهوٽ ۽ ٢ ٻار، ڌيءَ ۽ پٽ آهن."

موهن شيلا کي انهيءَ ڪري ڪونه سڃاڻي سگهيو جو هوءَ سوٽ ۽ اشرٽ ۾ هئي. موهن شيلا ۾ اهڙو بدلاءُ ڏسي ڏاڍو تعجب ڪائڻ لڳو. موهن جنهن وقت شيلا کي ناري نواس ۾ رکايو هو، تنهن وقت هوءَ ڀالي ڀولي ڇوڪري هئي. ڪپڙا هڪ، پر نه ڳڻڻ ڪونه اپندا هئا. شيلا جو بدليل لباس، هلڻ چلڻ ۽ انگريزي ۾ ڳالهائڻ ڏسي، موهن گهري سوچ ۾ پئجي ويو. شيلا موهن کي چيو، "دادا ڇا توهان وهڻ لاءِ ڪونه چوندا!"

موهن شڪجي ويو ۽ کين وهڻ لاءِ چيو. پنهنجي گهرواريءَ کي چانهه ۽ بسڪوٽ کڻي اچڻ لاءِ چيائين. موهن جي زال چانهه ۽ بسڪوٽ کڻي آئي. موهن

شيلا ڪون، هيس جيڪا مان پڙهائين هيس. مون هيئر
هڪ آدرشي ناري جي زندگي ني گذارڻ چاهي. هڪڙي
ڏاڍي هي؛ منهنجو گهوٽ جنهنجو نالو هيمنت آهي
سو هونئن ۾ آيو. هي؛ هندستان کان ٻاهر رهندو
آهي. هنکي رهڻ لاءِ هڪ ڪمري جي ضرورت
هئي. هونئن ۾ ڪمرو خالي نه هوندي به مون کيس
مدد ڪري ڪمرو ونئي ڏنو. هي؛ منهنجي خاص
چاهت ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. هي؛ هندستان ۾ مهينو
کن گهمڻ آيو. هنکي هندستان گهمڻ لاءِ هڪ ساٿي
جي ضرورت هئي. هي؛ الهيءَ وقت اڪيلو هو.
هنکي ڪنهن نوڪري پيار ۾ دوکو ڏنو هو، ڪنهن
ڪري هي؛ شادي ڪرڻ نه ٿو چاهي. پرچن ڏينهن
جي ملاقات اسان کي هڪ ٻئي جي ويجهڪ آندو.
مون هن جي سامهون زندگي جو سچو ڪتاب کولي
ائيمان رکيو. مون کيس ٻڌري قدر ٻڌايو نه هڪڙي
اڳتي هلي هي؛ غلطفهمي جو شڪار نه ٿئي. هن به
پنهنجي زندگي جو ڪتاب کولي منهنجي سامهون
رکيو. هن جي زندگي به هڪ سڃي اٿا عريف
انسان وانگر کولي هئي. هن ۾ سڀ عيب هئا.
پيار ۾ دوکو کائڻ کانپوءِ هن جي زندگي ۾ بدلاءُ
آيو. الهيءَ کانپوءِ هندستان کان ٻاهر وڃي نوڪري
ڪئي. اڄي هن اڳيو ٻئو ڪمايو جو هن وقت هڪ

حال ڏيڻ شروع ڪيو. ڳالهه جو سلسلو جاري رکندي ٻڌايائين ته ناري نواس ۾ رهڻ کانپوءِ مان سال ٻه تمام سادي ڇوڪري ٿي پئي هئيس پر پوءِ مونکي اهين معلوم ٿيو ته اڪيلي زندگي گذارڻ ڏاڍي مشڪل آهي. مون وري ٻي شادي ڪرڻ جو خيال ڪيو آهي. وچ ۾ منهنجو هڪ ڇوڪري سان پيار ٿي ويو. هن مونسان شادي ڪرڻ جو ارادو ڪيو. شادي جي ڳالهه هن مونکي اهڙي رستي تي آندو جو مان هڪ "ڪال گرل" ٿي پيس. جنهن مونسان شادي ڪرڻ ٿي چاهي، مان هن جي ڏاڍي شڪرگذار آهيان جو هن مونکي پڙهڻ لاءِ زور ڀريو. مان اڳ ۾ ٦ درجا پڙهيل هيس. هن مونکي ٻار ٻار پڙهڻ لاءِ زور ڀريو. مان پڙهڻ لڳس. مونکي پڙهڻ لاءِ شونق هو. پڙهندي، پڙهندي مون بي. اي پاس ڪئي. انهيءَ سان گڏ اٿڻ وهڻ جو طريقو سکيس. فئشن ڪرڻ جو طريقو سکيس. مان هڪ ماڊرن ڇوڪري ٿي پيس. مون ڪال گرل مان ڪافي پئسو ڪمايو. مون منهنجي فلئٽ ورتي. نواس ڇڏي ڏنو. مونکي منهنجي پيشي مان فرصت اچڻ لڳي. مون اهو پيشو ڇڏي ڏنو. منهنجي ڪافي سڃاڻپ ٿي وئي. سڃاڻپ جي ڪري هڪ هوٽل ۾ رسيپشنسٽ جي نوڪري ملي وئي مان هينئر آهيا

پريا

رمڻ اڄ ڏاڍو خوش هو، ڇاڪاڻ ته هن پنهنجي اسپتال جو مهورت ڪرايو هو. هن دل ۾ وڏا آسرا ڪيا هئا. رمڻ ڊاڪٽر سان گڏوگڏ سوشل ورڪر به هو. هو ٻئي جي ڪم کي پنهنجو ڪم ڪري سمجهندو هو. رمڻ کي ڪوبه ڪو ڪم چوندو هو ته اهو ڪم کي پورو ڪرڻ کانسواءِ آرام ڪونه ڪندو هو. سندس زال جو نالو پريا هو. هوءِ شڪل جي سهڻي، بدن جي پتلي ۽ ايم-اي پاس هئي. سندس هڪ ڪمزوري اها هئي ته هوءِ شڪي سڀاءَ جي هئي. هميشه مڙس کي شڪي نگاهه سان ڏسندي هئي. اهڙي قدر جو رمڻ جي پٺيان ماڻهو ڇڏي ڏنائين. جيڪي اچي ڪنس رمڻ جون ڪوڙيون سچيون خبرون ڏيندا هئا. ماڻهن جون خبرون ٻڌي ڪري سندس من ۾ وڌيڪ شڪ پيدا ٿيندو هو. اهڙيءَ ڳالهه جي ڪري رمڻ ۽ پريا جي وچ جهيڙو هلندو ايندو هو اهڙي قدر جو هوءَ ٻئي کي طلاق ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويندا هئا. سندس جهيڙي جو ڪارڻ روپا هئي. جهڙو سندس نالو هو، تهڙي سندس سونهن هئي. روپا جي ڳالهه کي وٺي ڪري ٻنهي جي وچ وڏو جهيڙو ٿيو. اهڙي قدر

وڏي ڪمپني جو مالڪ آهي. مان هن سان سڀ
هندستان گهمڻ ويس. اسان ٻنهي شادي ڪئي
ڪجهه وقت کانپوءِ هن مونکي ٻاهر گهرائي ورتو
هن وقت اسين ٻاهر جا باشندا آهيون. اسان هينئر
هندستان گهمڻ آيا آهيون. مون هيمنت کي ڇو
هو ته هندستان ۾ هلي توکي هڪ آدرشي انسان
ڏيکاريندس، جنهن مونکي سهارو وٺي ڏنو هو
هيمنت ته سڀئي ڳالهه ٻڌي رهيو هو. هيمنت هلڻ
وقت دادا موهن جا پير ڇهيا ۽ کيس سؤ-سؤ روپين
جا ڪي بنڊل ڏنا ته پنگيل ۽ غريب زالن جي ڪم
آڻي ۽ انهن جي زندگي سڌاري. هيمنت ۽ شيلا
روز موهن سان ملڻ ايندا هئا جيستائين هو موهن
جي شهر ۾ هئا. هڪڙي ڏينهن هيمنت ۽ شيلا
موهن ۽ نرملا جا پير ڇهي الوداع ڪيو ۽ ٻنهي جي
آشيرواد ورتي وري ڪڏهن ملبو. اهو هڪ سوال
ڇڏي ويا؟

★

سندس ڪوڙ ڪوڙو آهي، وڏڪ ڪيس ڇڏائين نه،
روپا کي اڪيلو نه ڇڏج.

روهن پنهنجي دوست امر کي وچن ڏنو، جيڪو هو نباهيندو ايندو هو. وملا کي سچي حقيقت جي خبر هئي. وملا ڳالهه کي اڳتي وڌائيندي پرڀا کي چيو، ”پرڀا، تون پاڻ کي ٿوري وقت لاءِ اڪيلو سمجهه نه تون اڃا سهاري آهين. توکي مدد جي ضرورت آهي. توکي روهن جهڙو انسان مدد ٿو ڪري نه ڇا تون اها مدد نه وٺندينءَ؟ جيڪڏهن تون روپا جي حالت ۾ هجين ته ڇا ڪرين؟

وملا جا اکر ٻڌي پرڀا جو دماغ چڪر کائڻ لڳو. هوءَ زور زور سان روئڻ لڳي ۽ پنهنجي شڪ لاءِ پڇتائڻ لڳي. اُنهيءَ کان اڳ وملا روهن کي تار ڪئي هئي. ڪيس لکيو هئائين ته هڪدم اچ. پرڀا سڄي ڳالهه ٻڌي، وڃڻ لاءِ تيار ٿي. پرڀا پنهنجي پيٽي تيار ڪري رهي هئي ته اتي ۾ روهن به اچي لٿو. روهن کي ڏسي ڪري پرڀا روهن جي پيرن تي ڪري پيئي ۽ کانئس معافي وٺڻ لڳي. روهن پرڀا جي اها حالت ڏسي تعجب ۾ پئجي ويو. روهن پرڀا کي اُٿاري گلي لڳايو ۽ ساڻس هولي ڪيائڻ وانگر پرڀا وڏڪ نه ڇڏي ڪري اهو چيو ته پنهنجي پتيءَ تي شڪ ڪري مون ڪجهه ا ڪوڙ پاتو ۽ پنهنجي من جي شانتي وڃائي.
★

جو ٻارڙا پنهنجي اُٺگ ڪٽي ٻڪي گهر هلڻ لا
تيار ٿي.

روهن دنيا داري جي لالي ٻارڙا کي ڪار
وهاري بس ڪانهن چلڻ ويو. ٻارڙا پنهنجي ٻڪي
گهر هلي ويئي. روهن اڪيلو رهڻ لڳو. اڄ هولي
هئي، ٻارڙا جي ٻڪي گهر جا ٻالي ۽ سندس پيءُ
پيٽوارو هولي کيلي رهيا هئا. ٻارڙا اڪيلي پنهنجي
ڪمري ۾ ويٺي هئي. هوءَ ماضي کي ياد ڪري
رهي هئي. سندس منهن ملول هو. سندس ٻاٽيج
۽ ٻاگٽيا ٻرسان آيا ۽ ٻارڙا کي هولي کيلڻ لاءِ چون
لڳا، پر ٻارڙا هولي کيلڻ لاءِ تيار ڪونه ٿي. هن سان
وڙهڻ لاءِ تيار ٿي. سندس پيءُ وملا ٻارڙا جي ٻرسان
آئي کيس هولي کيلڻ لاءِ چيو ۽ زور ڀرڻ لڳي
وملا کي ٻارڙا ۽ روهن جي جهيڙي جي ڪارڻ جي
سڄي خبر هئي، چاڪاڻ ته وملا روهن جي سڀاءَ کان
چڱي طرح واقف هئي. ٻارڙا کي جهڪو روهن جي
ٻاري ۾ دل تي اثر ويٺل هو، وملا انهيءَ ڳالهه جي
آئينڙ هئي. روپا روهن جي دوست جي زال هئي.
هوءَ نوڪري ڪندي هئي. روهن کان سندس
دوست امر مرڻ وقت اهو وچن ورتو هو ته سندس
مرڻ کانپوءِ روهن سندس زال روپا جو خيال رکي
چاڪاڻ ته روپا اڪيلي آهي ۽ سندس ٻاجائي آهي

هڪ ڏينهن شيام پنهنجي مائٽن کي راڌا سان شادي ڪرڻ جو خيال ڏيکاريو. سندس مائٽ اهڙا ڳالهه ٻڌي ڏاڍا خوش ٿيا, جو شيام پنهنجي دل پسند ڇوڪري ڳولهي آهي. شيام جي مائٽن, راڌا جي مائٽن سان ڳالهه ڪئي. راڌا جي مائٽن کي انهي ڳالهه لاءِ ڪوبه اعتراض ڪونه هو. شيام جي مائٽن بنا ڏيتي ليتي وٺڻ جي شيام جي شادي ڪرائي. راڌا جي شادي ڪانپوءِ راڌا جي ماءُ ۽ پيءُ جي وچ ۾ ايتري قدر اختلاف وڌي ويو جو ٻئي جدا الڳ رهڻ لڳا. راڌا جي ماءُ مشين هلائي ٻارن کي پاليندي هئي. هاڻ ٻئي ڪنهن کي پاڻ وٽ رکي وقت گذارڻ لڳو. راڌا جي پيءُ پنهنجي زال کي ڇڏي ڏنو هو ته مون کي وري شڪل نه ڏيکارجا ۽ نه وري مونسان ملڻ جي ڪوشش ڪجا.

ماءُ پيءُ جي جهيڙي ڪري راڌا دل ۾ ٻارڻ ڪيو هو ته هوءَ پنهنجي مڙس سان ڪڏهن به جهيڙو ڪونه ڪندي ۽ نه وري ڪو ڪيس ڪو اکر چوندي.

راڌا ۽ شيام جا ۲-۳ سال پهريان شادي جا ڏاڍي مزي سان گذريا. شيام ڪڏهن رات جو دير سان ايندو هو ته راڌا سندس لاءِ ويٺي انتظار ڪندي هئي. شيام کي روٽي گرم ڪري کارائيندي هئي. پر کيس هڪ اکر به ڪونه چوندي هئي. راڌا پڻ

ڇا ڪريان؟

هو ٻالڪ پر هڪ ڀاءُ ۽ ٻه ڀينر هيون. هنن جو گهر
وڏي هئي. هن انگريزي ۾ ايم. اي پاس ڪئي
هئي. هن ايم. اي ڪالهوءِ ليڪچرار جي نوڪري
ڪئي. سندس ماءُ اڻ پڙهيل ۽ شڪي سڀاءُ واري
هئي. سندس ماءُ جي ڪري سندس ماءُ پيءُ جي
وچ ۾ جهيڙو ٿيندو رهندو هو. سندس پيءُ پڙهيل هو
هو سرڪاري نوڪري ڪندو هو. گهر گرهستي جو
پيو گاڏو هلائيندو هو. سندس پيءُ سندس ماءُ جي
سڀاءُ ڪري هميشه پريشان رهندو هو ڪڏهن ڪڏهن
ڏينهن سندس ماءُ پيءُ جي وچ ۾ جهيڙو ايترو وڌي
ويندو هو جو گهر جا سڀئي ٻار لڪي ويندا هئا
هن جو نالو راڌا هو. راڌا تمام سهڻي ۽ سيتل سڀاءُ
واري هئي. راڌا سان گڏ شيام پڙهندو هو. شيام ج
ڪاليج ۾ جهڪاءُ راڌا ڏانهن هوندو هو. سندس دل
راڌا سان شادي ڪرڻ لاءِ ڏاڍي هئي. راڌا روز رو
ماءُ پيءُ جو جهيڙو ڏسي ڏاڍو پريشان ٿي پيئي
انهيءَ ڪري راڌا جي دل شادي ڪرڻ کي ڪون
هئي. راڌا نه ٿي چاهيو ته شادي ڪري ماءُ پيءُ
وانگر پنهنجي زندگي خراب ڪريان. ٻئي طرف شيام
جو ارادو راڌا سان شادي ڪرڻ جو پڪو ٿيندو ٿي ويو.

راڌا کي ڏاڍو ڏک ٿيو. هوءَ ڪري ئي ڇا ٿي سگهي؟ پر شيام ته ريکا ڏانهن پڙهندي چيو، ”ڀڄاجي، ٢-٣ گرهه روٽيءَ جا ته کاءُ، روٽي ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي؟“

جيئن ڏينهن گذرندا ويا تيئن راڌا ڏٺو ته شيام جو جهڪاءُ ريکا ڏانهن ٿيندو ٿي ويو. هو ننڍن ڳـ شيام ڪڏهن به ڪجهه ڪونه ڏسندو هو پر ريکا جي ڇوٽ تي ڪچهري ۾ هلڻ لڳو. هڪدم تي ئي ۽ ريکا جي ڇوٽ تي هلندو هو. جهڙيءَ طرح ريکا چوندي هئي، اهڙيءَ طرح شيام ڪندو هو. راڌا هڪ تماشبين ٿي ڪري سڀ ڪجهه ڏسندي رهندي هئي. هوءَ ڇا ٿي ڪري سگهي؟ ريکا ۽ شيام جي دوستي گهري ٿيندي ٿي وئي. ٻئي گڏ گڏ آفيس لاءِ نڪرندا هئا. گهر ۾ کلندا ۽ رانديون پڻ ڪندا هئا. ريکا اهو ڀانئي ويٺي ته هوءَ ئي ڪا راڌا جي ڀيڻ آهي. ڏينهون ڏينهن ريکا ۽ شيام جي پريم جا پيچ پختا ٿيندا ٿي ويا ۽ مستي ۾ وقت گذارڻ لڳا. راڌا هڪ نوڪرياڻي جو پارٽ ڪري رهي هئي. راڌا پنهنجي پاڻ سان رڌل رهندي هئي ۽ ڪڙهن پڙهيندي هئي.

هڪڙي ڏينهن راڌا اهڙي ڳالهه ڏٺي جو هوءَ برداشت نه ڪري سگهي ۽ شيام کي چيائين، ”مان تنهنجي زال آهيان. لوڪي منهنجو ڪو به قدر ڪونه

ٻارن کي جڏهن ڏٺو. هوءَ ٻنهي ٻارن سان وندري وٺي هوندي هئي. شيام ۾ ڪابه تبديلي ڪونه آئي. اهڙي قدر جو گهر ۾ دوستن کي وٺي ڪري پتي راند ڪندو هو. پر راڌا کيس هڪ اکر به ڪونه چوندي هئي.

راڌا ڪونه چاهيندي هئي ته سندس گهرستي سندس ماءُ وانگر خراب ٿئي. ٿورن ڏينهن کانپوءِ راڌا جي سوٽ سندس شهر ۾ بدلي ٿي آئي. هن جو شهر ۾ رهڻ جو ڪوبه بندوبست ڪونه هو. هوءَ راڌا وٽ آئي ۽ کيس چوڻ لڳي، ”ڀيڻ راڌا، مان هن شهر ۾ نوڪري ڪرڻ لاءِ آئي آهيان. مون کي هن شهر ۾ رهڻ لاءِ ڪوبه جوڳو بندوبست ڪونه آهي. تنهن ڪري تون مونکي ڪجهه وقت لاءِ پاڻ وٽ ٽڪاءِ.“

راڌا پنهنجي سوٽ کي خوشي سان رهائڻ چاهيندي ته نيٺ به هوءَ راڌا جي ڀيڻ لڳندي هئي. هو راڌا لاءِ پڻ وندر هئي. هو پاڻ ۾ هڪ جي بجاءِ ٻه ٽي ڀيون. سندس سوٽ جو نالو ريکا هو. رات جي وقت شيام آيو. راڌا ۽ سندس سوٽ جاڳي رهيون هيون. راڌا ريکا جي واقفيت شيام سان ڪرائي. راڌا شيام کي روٽي کائڻ لاءِ چيو. شيام هميشه وانگر ٻهانو ڏيندي چيو، ”مونکي بک ڪونه آهي.“

احساس

دک جو احساس الهيءَ کي ٿيندو جنهن کي دک لڳل آهي. ٻئي کي دک جي ڪهڙي خبر.

نماشام جو وقت هو. گهر جا سڀ ڀاتي مندر ۾ ويل هئا. گهر ۾ صرف هڪ رتنا ويٺل هئي. رميش رڙ ڪندي چيو، "رتنا چانهه نه تيار، سستي اچي ويئي آهي"

رتنا آواز ٻڌي چوڻ لڳي، "هـا" ماما چانهه ٺاهيان ٿي."

رتنا ڪرسي کڻي اچي رميش جي ڀرسان ويٺي. اکين ۾ پاڻي آڻيندي چيائين، "ماما، توهان ته هڪ سٺو ۽ هوشيار جوتشي آهيو. ٻيو ته گهڻن جا ٿي هٿ ڏٺا آهن. اڄ توهان مونکي اهو ٻڌايو ته ـــ مان ڪڏهن مرندس؟" رتنا جا اهي اکر ٻڌي، رميش چيو، "رتنا تون پهرائين مونکي چانهه ٺهار، پوءِ مان توکي ٻڌائيندس ته تون ڪڏهن مرندينءَ؟" چانهه پيئڻ بنا منهنجو دماغ ڪم ڪونه ڪندو آهي.

رتنا رميش جا اهي اکر ٻڌي، هڪدم رڌڻي ۾ ويئي ۽ ٻه پيالا چانهه جا ٺاهي کڻي آئي. هڪ پيالو چانهه جو رميش ڏي ڏنائين ۽ ٻيو پاڻ کنيائين. رميش چانهه پيئندي رتنا کي چيو، "توهان پهرائين آرام

آهي. توُن هن وقت تائين ڪجهه به ڪري رهيو
هئين، مون توکي هڪ اکر به ڪونه چيو. مون ت
چاهيو ٿي ته اسان جي گهر گرهستي جي گاڏي سٺي
طرح هلي. پر تو حد ڪري ڏيکاري."

راڌا کي گسي ۾ ڏسي شيام چوڻ لڳو، "مون
جيڪڏهن ڪو به غلط قدم کنيو ته تو ڪڏهن مون کي
روڪيو، تو ڪڏهن مونکان دير سان اچڻ جو ڪارڻ
پڇيو؟ تو ڪڏهن مون کي ائين چيو ته شيام تون
گهر ۾ دوستن سان جوا ڇو تو ڪرين؟ تون هميشه
چپ رهندي هئين. الهي ڪري مان توکان پري
پري ٿيڻ لڳس. راڌا جي اچڻ ڪري منهنجي دل
۾ جيڪو خال هو، سو هن پورو ڪيو. مان هن سان
گڏ رهڻ ٿو چاهيان توکي موڪل آهي ته تون پار
وٺي منهنجي گهر مان اڪري وڃ؛ وري شڪل
نه ڏيکارج."

راڌا دل ۾ سوچڻ لڳي ته سندس پيءُ سندس
ماءُ کي هر وقت جي جهيڙي جي ڪري گهر مان
ڪڍي ڇڏيو. منهنجي گهوٽ منهنجي چپ رهڻ جي
ڪري گهر مان ڪڍي رهيو آهي. واه ڙي مرد!
تنهنجي دل جي گهرائي جو پتو ڪو به لهي نه تو
سگهي. تون به هڪ پروڙي آهين، جنهن کي ڪو به
پڇي نٿو سگهي. راڌا پٽي پار وٺي اڪيلي رهڻ
لڳي ۽ وري نوڪري ڪرڻ لڳي.

ڏکي آهي. مان سندس ڏک جو احساس ڪري ڏاڍو
ڏکي ٿيندي آهيان. رتنا پنهنجي دل جو بار هلڪي
ڪرڻ لاءِ سيني ڳالهيون هڪ وقت ٻڌائي ڇڏيون.

رميش رتنا کان پڇيو، "تون ڪهڙي ڳالهه جي
ڪري مرڻ ٿي چاهين؟"

رتنا رئندي چيو، "ماما، مونکي ٣ سال اڳ ۾
ڇاتيءَ جي ڪئنسر ٿي. منهنجي ڇاتيءَ جي آپريشن
ڪري هڪ استن ڪٽي ڇڏيائون. مان دوا ڪندي
پئي آهيان. من کي خوش رکندي پئي آهيان، پر وري
اوچتو ٥ مهينا اڳ ۾ منهنجو ٻيو آپريشن ٿيو. ٻيو به
استن ڪٽيو ويو. هاڻي ماما تون ٻڌاءِ ته مان زال
جي لائق آهيان! اها ڇاتي جيڪا زال جي سونهن
آهي، اها ڪاٽي رهي ته پوءِ منهنجو مڙس مون
منجهان ڇا خوش ٿيندو! وڌيڪ چوڻ لڳي ته ماما!
منهنجي ڏک جو احساس ڪنهن کي به ڪونه ٿيندو،
سواءِ مونکي يا ڪجهه منهنجي مڙس کي ٿيندو."

رميش جواب ڏيندي چيو، "رتنا تنهنجو مڙس
ته تو سان سٺي طرح ٿو هلي پوءِ تون فڪر ڇو ٿي
ڪرين ۽ موت ڇو ٿي گهرين."

رتنا چيو، "ماما، مان هميشه هڪ زنده لاش
آهيان سڀني جي مٿان بوجهه آهيان. هن بيماريءَ
مان ڇوٽڪارو ڪونه ملندو. مونکي جنهن وقت

سان چانهه پيئڻ ۾ ٿوهه مونکي ٻڌاءِ نه. تون مرڻ ڇـو
ٿي چاهين؟"

رينا آرام سان چانهه پيئڻ وئي. رميش ۽ رينـا
چانهه پي ختم ڪئي. رينا جوٺا پيالا رکٽي ۾ رکي
ڪري آرام سان رميش جي ڀرسان ڪرسيءَ تي اچي
ويٺي. رميش رينا جو ماهو ڪونه هو، پـر سندس
گهوٽ جو ماهو هو. تنهن ڪري رميش کـي سيڪ
ماهو ڪري ڪوٺيندو هو. رميش صحي روپ ۾ هڪ
سٺو جوتشي هو ۽ ڪنهن ڳالهه جي ڪري هن ڪنهن
جو هٿ ڏسڻ کان قسم کڻي ڇڏيو هو.

رميش ڳالهين جو سلسلو جاري رکندي رينا کي
چيو، "تون ڇو ٿي مرڻ چاهين؟"

رينا اکين ۾ ڳوڙها آڻيندي چيو، "هيءَ ڪهڙي
زندگي آهي! روز، روز ٻهچار روپين جون دوائون
ٿي وٺان. گهر جو ڪم به ڪونه ٿـي ڪري سگهان
دوائن جي اثر ڪري سڄو ڏينهن سمهي پئي آهيان
ٻارن جي سنڀال ڪونه ٿي ڪري سگهان. مان هيئن
زنده رهي ڇـا ڪريان؟ مان نـه هيئن زال سڏائڻ
جي لائق به ڪونه آهيان. مڙس کي مون جهڙي زال مان
ڪهڙو سک؟ هو به اندر ۾ ڏاڍو دکي آهي. منهنجي
دک جي ڪري هو موسان پريم سان هلندو آهي
هو ڪڏهن به ڌڪاري ڪونه ڏيندو آهي نه هو ڪ

سنگتراش

منوهر تون منهنجو اهڙو بت ٺاهه جو ديوتا ڏسي تعجب ۾ پئجي وڃي! ماڻهن سان گڏ ديوتا تون به تعجب ۾ پئجي وڃن! تون منهنجو بت اهڙي طرح ٺاهه جو سڀڪو ڏسي واه واه ڪري. منوهر منهنجي هٿن ۾ جادو آهي. تون منهنجي بت ۾ منهنجي مرڪ کانپوءِ روح ڦوڪج. ماڻهو ائين سمجهن ته هي بت نه، پر هڪ زنده انسان بيٺو آهي. ايندا جا اهي اکر ٻڌي منوهر چپ ٿي ويو. منوهر ۽ ايندا ننڍي هوندي کان وٺي گڏ پڙهندا هئا. منوهر کي هميشه مٽي ۽ پٿرن سان پيار هو. منوهر کي پٿرن سان پيار گهڻو هو. ايندا پڙهڻ ۾ هوشيار هئي. ايندا ننڍي هوندي کان وٺي شڪل جي ڪليل هئي. جيئن هن جوانيءَ ڏانهن وک وڌائي تيئن هوءَ وڌيڪ وڌيڪ موهيندڙ ٿي لڳي. هوءَ ڳالهائڻ جي مٺي ۽ ڏاڍي شرميلي هئي. منوهر ۽ ايندا مئٽرڪ تائين گڏ هئا. منوهر کي ايندا لاءِ دل ۾ پيار هو. پر هن پنهنجي پيار جو اظهار ايندا جي اڳيان ڪڏهن به ڪونه ڪيو هو. ايندا مئٽرڪ پاس ڪري ڪاليج ۾ داخلا ورتي. منوهر سنگتراش جي ڌنڌي واسطي لاهور هليو ويو. ايندا کي ڪڏهن، ڪڏهن منوهر جي ياد

سُور ٿيو پوي، اهو سُور سهڻ کان ٻاهر آهي تنهن
ڪري مان مرڻ ٿي چاهيان. هاڻي ٻڌاءِ ته مان
ڪڏهن مرندس."

رميش ڳالهه جو رخ ڦيرائيندي چيو، "راڻا تون
پنهنجي لاءِ نه، پر ٻارن لاءِ ته جيءُ."

راڻا چيو، "مان ٻارن کي ڪهڙو ٿي پيار ڪريان!
جنهن وقت مونکي سُور پوندو آهي، انهيءَ وقت
اهي ويچارا پنهنجي شڪل ڏسندا رهندا آهن.
پنهنجي بيماري جو ڏک سڀني کي آهي پر پنهنجي ڏک
جو احساس صرف مونکي آهي هاڻي ته مرڻ کان
پوءِ ڪو ڏک مان آرام ملي، پر زندهه آرام ته
ڪونه ملندو.

رميش ڏٺو ته راڻا کي اهڙي نڪري بيماري
هوندي به هيءَ ڪلي؛ وڏا ٽهڪ ڏيئي رهي
هئي. سندس موت ڪڏهن ايندو؟ اهو رميش
ڪيس ٻڌائي ڪونه سگهيو.

هڪڙي ڏينهن سندس دل ۾ ايدا جي انهن اکين جو
خيال پيدا ٿيو. منوهر ڇيڻي ۽ هٿوڙو کڻي انهن اکين
شروع ڪيو. منوهر کي ايدا جي انهن اکين ۾ پنهنجو
ڪن لڳي ويو. هن انهيءَ انهن کي شيشي ۾ ڪڍي
ڇڏيو. منوهر ايدا جو انهن ڏسي ڏاڍو من خوش
ڪندو هو.

ايدا ۽ ڪشن انهيءَ گهر ۾ رهڻ لڳا جتي منوهر
رهندو هو. ايدا اڪيلي هٽ ڪري نوڪري ڪرڻ
لڳي. هڪڙي ڏينهن ايدا پنهنجي ساهيڙيءَ سان
بازار جون مورتون وٺڻ لاءِ نڪتي هئي. بازار جي
مورتن جي دڪان جي ڀرسان اهي جهڙون منوهر
جي دڪان تي اچي بيهڻيون. ايدا بازار جون مورتون
شوروم ۾ ڏسي رهي هئي. اوچتو ۾ سندس نظر
هڪ مورت تي وڃي پيئي. اها بلڪل انهن سندس
شڪل سان ملي رهيو هو. هوءَ انهن ڏسي سوچ ۾
پئجي وئي. سندس ساهيڙيءَ ٻاهر جي مورت ڏسي
ايدا کي چيو، " اڙي ايدا! هيءَ ته تون ئي لڳين"
ايدا سوچ ۾ پئجي وئي ۽ سوچڻ لڳي ته هيءَ
سنگتراش ٻيو ڪوبه ڪونه آهي پر منوهر آهي. هوءَ
سڌو منوهر جي ورڪشاپ ۾ وئي. منوهر جا وار
اڇا ٿي ويا هئا. هو ڪافي ڪمزور ٿي ويو هو.
سندس نظر گهٽجي وئي هئي. ڏسڻ ڪري منوهر

ايندي هئي. ڪيس خبر ڪانه هئي ته مدوهر ڪٿي
آهي؟ مدوهر ماڻهن سان گڏ رهندو هو. مدوهر جو ماءُ
جي مرڻ ڪانپوءِ ابا جي ڪٽنب سان واسطو ڪونه
رهيو. ڇاڪاڻ ته مدوهر جو الهيءَ ڳوٺ ۾ ڪوبه
ڪونه هو جو ساڻس لکپڙهه ڪري ٻا حال احوال ڏي.
ابا سان گڏ ڪشن نالي هڪڙو ڇوڪرو ڪاليج ۾
پڙهندو هو. ڪشن پڙهڻ ۾ هوشيار ۽ شڪل جو
سوهڻو هو. ابا ڪاليج ۾ پڙهندي ،
ڪڏهن، ڪڏهن ڪشن سان ڳالهائيندي هئي.
سندس انهن، انهن ملاقاتن جي وچ ۾ ٻنهي جو
پيار ٿي ويو. ڪشن هڪ شاهوڪاري پٽ هو. ابا
جي مائٽن کي ڪشن وڻي ويو. ابا جي شادي
ڪشن سان ٿي وئي. ابا ۽ ڪشن اي. اي پاس
ڪئي. ابا پڙهائي ڇڏي ڏني، پر ڪشن پنهنجي
پڙهائي چالو رکي. ڪشن ايم. اي پاس ڪئي.
ڪشن ايم. اي پاس ڪرڻ ڪانپوءِ هڪ ڪمپني ۾
آفيسر ٿي لڳو. هڪڙي ڏينهن مدوهر کي خبر
پئي ته ابا ڪشن سان شادي ڪئي آهي. مدوهر
جڏهن اها خبر ٻڌي ته کيس ڏاڍو ڏک ٿيو. هيئر
کيس ڪابه ڳالهه مٺي ڪونه لڳندي هئي. هو
هميشه هڪوڙي، ڇڪيل ۽ ماڻهن سان ٽٽل رهندو
هو. روز، روز نوان اسڪالڪ جي ٻاهو سوچيندو هو.

"تو شادي ڪئي ۽ تو مونکي ڪونہ گهرايو."
ايڊا جواب ڏيندي چيو، "تون ميٽرڪ پاس
ڪري ڳوٺ ڇڏي هليو وئين. انهيءَ ڪري ٻيو
ڪونہ هو، جو مان توکي شادي لئي گهرايان ها. تو
ڪڏهن بہ مونسان پنهنجي پيار جو اظهار ڪونہ ڪيو
هو. تون پنهنجا ارمان پاڻ ساڻ کڻي ڳوٺ ڇڏي
هليو وئين. تون هاڻي مونکي ڏوراپو ڇو ٿو ڏين؟"
ڳالهہ جو رخ بدليندي منوهر چيو، "ايڊا توکي
آدم قد بت لاءِ روز ڪلاڪ ٻہ اچڻو پوندو. ايڊا
سندس ڳالهہ مڃي. هوءَ روز اچڻ لاءِ تيار ٿي. ايڊا
هر روز آفيس ۾ ڪو نہ ڪو بهانو ڏيئي ڪلاڪ ٻہ
منوهر وٽ ايندي هئي. هيڏانهن سندس آدم قد بت
تيار ٿيڻ ۾ هو. هڪ ڏينهن ايڊا ڪار هلائي رهي
هئي، پنهنجي من ۾ منوهر ۽ پنهنجي آدم قد بت لاءِ
سوچي رهي هئي. انهيءَ سوچ ۾ ڪار جو حادثو ٿيو
۽ سندس موت ٿي ويو. ٻئي طرف منوهر ايڊا جو
آدم قد بت تيار ڪري ڇڏيو هو. ٻہ مهينا گذري
ويا ۽ منوهر کي ايڊا جو پتو ڪونہ پيو. هو هر روز
ايڊا جو انتظار ڪندو هو تہ هوءَ ڪڏهن ٿي اچي.
سندس مغز ۾ ايڊا جي تصوير ڦري گهمندي هئي ۽
کيس ايڊا جا اکر، "منوهر تون اهڙي مورت ٺاهج
جو منهنجي مرڻ کانپوءِ دنيا مورت ڏسي تعجب ۾

ڪڍڻ کي پوري طرح سمجهي ڪونه پي سگهيو
پدما منوهر کي سمجهايو، پر منوهر پدما کي ڪونه
سمجهايو. پدما منوهر کي چيو، "اي سنگتراش! تون
فلاڻي مورت گهڙي ۾ ڏيندي؟"

سنگتراش چيو، "اي ديوي! مان اها مورت
ڪونه وڪڻندس مونکي هن مورت ۾ روح ڀرڻ
آهي. هيءَ منهنجي من مندر جي ديوي آهي. هن
عورت کي مان ڪونه وڪڻندس. هيءَ منهنجي ياد
آهي. هن عورت کي ڏسي مان پنهنجي ياد تازي
ڪندو آهيان."

پدما سنگتراش جا اهڙا لفظ ٻڌي چپ ٿي وئي. هوءَ
عجب ۾ پئجي وئي ته منوهر کي مون سان اهڙو پيار
هو، جو هن مون سان ڪڏهن به اهڙيءَ ڳالهه جو ذڪر
ڪونه ڪيو هو. پدما ساهيڙيءَ سان چپ ڪري هلي
وئي. ٻئي ڏينهن تي پدما اڪيلي منوهر وٽ آئي
۽ کيس چيائين، "منوهر مان پدما آهيان. تون منهنجي
اهڙي مورت ٺاهه جو دنيا ڏسندي رهي. تون
منهنجي مرڻ کانپوءِ اهڙيءَ ۾ روح ڀرڄ. جيئن هميشه
تنهنجي سامهون اچي هجان." منوهر پدما جو آواز
ٻڌڻ سان سندس اکين ۾ جهڙي روشني اچي وئي.
سندس پيارو چهرو ڪري ٻوڙي ويو. سندس اکين
پاڻي ڀرجي آيو. پدما کي ڏوراپو ڏيندي چيائين

ڪاڪو ڪلومل

ڪاڪي ڪلومل کي پنهنجي مڇن تي ڏاڍو ناز هو. ڪاڪي کي ڪانگس جهڙيون مڇون هيون. هو سڄو ڏينهن پيو مڇون ونيندو هو. ڪاڪي کي مڇن تي ڪافي ڀاڪا ياد هئا. ڪڏهن، ڪڏهن محفل ۾ ويهندو هو ته پيو چوندو هو، "جنهن کي نه آهن مڇون، تنهن کان ڇا پڇون؟ مڇ مرد جي نشاني آهي پر مڇ جي مرد، مرد نه آهي. جنهن کي آهن مڇون تنهن سان ڇا ڪڇون. تنهن پار مڇ جهڙو وار جهڙالهن وراه ليڏالهن وري." اهڙي سندس ڀاڪا ٻڌي، انسان کي کل اچي ويندي هئي ۽ تعجب لڳندو هو ته ڪاڪي کي ڪيترو نه ناز آهي پنهنجي مڇن تي! مڇن جا نالا ٻڌائي چوندو هو ته، مڇن جا گهڻيئي نالا آهن ۽ گهڻن ئي قسمن جون ٿينديون آهن. جيئن ته فرانسيچ ڪٽ، هٽلر ڪٽ، تلوار ڪٽ نوڪيلي، کهالکهٽ ٽائيپ، خونخوار مڇون ۽ وغيره، وغيره. مطلب ته ڪاڪو مڇن جي ساراه ڪرڻ کان ٿڪبو ڪونه هو. الٽي ڇٽي ڪري ٻوه مڇون ونيندو هو. هڪڙي ڏينهن منهنجي دل ۾ خيال آيو ته ڪاڪي جي گهرواريءَ کان پڇان ته، ڪاڪو جو هيتري مڇن جي ساراه لو ڪري ۽ ڀاڳڪي ليس مار

سندس ۾ روح ٿاڄ.“

هڪڙي ڏينهن رات جي وقت منوهر ڏٺو ته آدم قدبت ۾ چرپر ٿي رهي آهي. منوهر سمجهيو ته اهو سندس وهم آهي، پر اهو روز جو ڏاڍو ٿي پيو. منوهر اندازو لڳايو ته اِها جو شايد موت ڏي وڃو آهي، جو هو لڪي اچي؛ سندس روح هن بت ۾ آهي. هڪڙي رات ڪنهن عورت منوهر کي اُٿاري چيو، ”منوهر منهنجي مورت تيار ٿي وئي آهي. هن مورت ۾ منهنجو روح آهي. توهان اُٿي؛ اچي منهنجي گلي لڳ.“ منوهر ڏٺو ته ڪا عورت ڪمس هٿ ڪان وٺي مورت وٽ آئي. مورت جي اکين ۾ لالو هو. منوهر اُٿي وڃي جيئن مورت کي گلي لڳائي رهيو هو ته آدم قدبت سندس مٿان ڪري پيو؛ منوهر مري ويو. اِها جيڪا ڪمس جيتري ته ملي سا روح جي روپ ۾ سالس ملي؛ سندس موت جو ڪارڻ ٿي. صبوح جو منوهر جي ڪم ڪندڙ ڏٺو ته منوهر مئو پيو آهي؛ سندس مٿان اِها جو آدم قدبت پيو آهي.

ڪاڪي سان مڱڻو ٿيو هو ۽ ڪنهن مون کي ٻڌايو ته
تنهنجي گهوٽ کي گهاٽ گهٽ جهڙيون مڇون آهن.
سهڪو سندس مڇن کان ڏڪندو هو. منهنجون
ساهيڙيون به مون کي ڏاڍائي رهيون هيون. تنهن
شاديءَ جي ۽ تاريخ ٺهي. پر مون تنهنجي ڪاڪي
کي ڪڏهن ڏٺو هو. جنهن وقت مان شاديءَ جي
منڊپ ۾ اچي ويٺس ته منهنجي دل ۾ سندس
مڇن ڏسڻ جي اڻٽر اڇي پيدا ٿي. مون گهونگهٽ
مان ليئو پائي ڏٺو ته ڪاڪي جون مڇون ته ڪونه
هيون چٽڪ چپن تي هڪ ڪاري وارن جو جهنگل
هو. مان ڊڄي ويس. مان انهيءَ وقت ڦيرن کان
اڳم منڊپ مان اٿي ڪري ڪمري ۾ ڀڄي ويس.
شادي تي آيل ڄاڃي ماڃي منهنجو اهو لڇڻ ڏسي
تعجب ڪرڻ لڳا. منهنجا ماءُ پيءُ، ڀاءُ ڀيڻ ۽ ٻيا
مائٽ ڪمري ۾ گهڙي آيا ۽ مون کان شادي جي
منڊپ تان اٿي اچڻ جو ڪارڻ پڇڻ لڳا. مان ۽ ڏاڍو
روئڻ لڳس. تنهن مون کين ٻڌايو ته مون کي هن مڇڙ
سان شادي ڪونه ڪرڻي آهي ۽ نه وري مون کي
هن خونخوار انسان سان رهڻ ۾ ڪو مزو ايندو.
چاچاڻ ته ڳالهه، ڳالهه تي مڇون پيو وٽيندو ۽
ڊپ ڏياريندو پيو. مان دل جي مرض ۾ پوندس.
منهنجي ڳالهه ٻڌي منهنجا مائٽ مون سان شامل راءِ

خان تو سمجهين، انهيءَ ڳالهه ۾ ڪيتري قدر صداقت
آهي. ڪاڪو هميشه ائين چوندو آهي ته، منهنجي
پٽن جي ڪري منهنجي زال ۽ ٻار ڏڪندا آهن.
ڪنهن کي به گهر ۾ طاقت ڪونه ٿيندي آهي جو
منهنجي سامهون ڳالهائي سگهي. مان ڪاڪي جي
گهر ڪاڪي جي غير حاضريءَ ۾ پهتس. ڪاڪي کي
پير پيٽي ڪري وڃي ڪرسيءَ تي ويٺس. ڪاڪي
مونکي ڏسي ڏاڍو خوش ٿي. توهان کي چيائين ته
فلاڻو آيو آهي ڪجهه ڪاٺ لاءِ ڪٺي اچ ۽ چانهه به
ٺاهي کڻي اچ. مون گهڻيئي ”نه“ نه پئي ڪئي پر
ڪاڪي ڪونه ڇڏيو. مان چانهه پي رهيو هئس ۽
ڪاڪي سان ڳالهيون ڪري رهيو هئس. ڳالهين
ڳالهين ۾ ڪاڪي کان پڇيم ”ڪاڪي ڇا تون ڪاڪي
جي پٽن کان ڪونه ٿي ڊڄندي آهين؟“ ڪاڪي
جوش ۾ اچي ۽ کلندي چيائين، ”ڪير ٿو سندس
پٽن کان ٿو ڊڄي. هيءَ ته مٽيءَ جو شير آهي.“ جيئن
ته ڪنهن چيو آهي، ”واه ڙي ميري مٽيءَ ڪي شير
دن کو بڪري رات کو پير“ پير چوندا آهن
”رب“ کي. ڪاڪيءَ ڳالهين جو سلسلو جاري رکندي
چيو، ”پٽ هيءَ ته رب کان ٻاري آهي. هن جي
پٽن کي ڏسي مٿان ٻڇين.“ مان ٿي توکي سندس
هڪ ڳالهه ٻڌايان. منهنجي جنهن وقت لنهنجي

ڇن جو روپ ڏيکاريندي. تـون پنهن جون مڇون
مهن جـي اڳيان هيٺ ڪري هلندي ۽ رکندي.
ڪاڪي مهن جا شرط قبول ڪيا. اسان جي سڪ سان
شادي ٿـي. شادي کانپوءِ ڪاڪي رڻندي چيو،
"پياري جي تون چاهين ته مان پنهنجون مڇون لهرائي
ڇڏيان، جي ڪوراڻيندس ته ماڻهو مون تي کلندا."
مون کيس چيو، "منهنجا پيارا ساجن، تون مڇن
جي ڪري نه گهٻراءِ ۽ نه وري مڇون ڪوراءِ، ٿـيو
هڪ ڳالهه ياد رکج ته جيڪي شرط مـون پنهنجي
اڳيان شادي مهل رکيا آهي ضرور پالج."
ڪاڪي ڪنڌ ڌوڻيندي چيو، "نه مونکي شرط
ياد آهي. تو منهن جي عزت پالي جو مرد جي مڇ
جو قدر ڪيو ۽ منهنجو شان رکيو. الهي ڏينهن کان
وٺي ڪاڪو منهن جي سامهون مڇن جي ڳالهه ڪونه
ڪيندو آهي. پڻ والڪر هلندو آهي. هو ته توهان
کي مڇون ڏيکاري ڪري ٻڌائي ٿو. هينئر پنهنجو
ڪاڪو اڇو وارو آهي. تون ڏسج ته سندس مڇن
جو ڪهڙو حال آهي! مون ڪاڪي سان وڃي ڳالهيون
ڪيون ته اٽڪري ۾ ڪاڪو اچي ويو. ڪاڪي جـي
اڇن سان مڇون هيٺ ڪيون. ڪاڪي جيڪي ٻڌايو
سو سڀ سچو سچ هو. ڪاڪي جو سندس مڇن تي
هٿ ڪونه هو. ڪاڪي اچي ڪري کيڪاريو.

ٿيا ۽ سمجهڻ لڳا ته سندن ڇوڪري هن سان گذاري
ڪونه سگهندي. منهن جي مالڪن ڪاڪي جي ٻيءَ
کي سرسري ڳالهه ڪري ٻڌائي ته ڇا جي ڪري
ڇوڪري شادي نٿي ڪرڻ چاهي. ڇوڪري
ڪاڪي جي مٽن کان ٿي ڏکي. ڪاڪي جنهن
وقت اها ڳالهه ٻڌي ته بيهوش ٿي ويو. ڪيس هوش
۾ آڻڻ لاءِ پاڻي ڪيا ويا. ڪاڪو هوش ۾ آيو ۽ چوڻ
لڳو ته مون کي انهيءَ واري ڌرمتني سان ڳالهائڻو
آهي. گهڻي دير ڪانپوءِ: ڪاڪي کي مون سان
ڳالهائڻ لاءِ اڪيلائي ۾ موڪليو ويو. ڪاڪو منهنجي
پيرن تي ڪري چوڻ لڳو، "اي منهنجي ٽيڪ واري
ڌرماتني، تون منهنجي مٽن کان نه ڏک. تون
جيڪڏهن چاهين ته مان پنهنجي مٽن جي ڪيس ۾
هينئر ئي ڏاٺو هڻان. پر تون منهن جي هن وقت
عزت بچاءِ ڇاڪاڻ ته هينئر مٽن ۾ ڏاڍو لڳندو ته
سيڪو ڪلندو ۽ منهن جي عزت مٽي ۾ ملي ويندي.
شادي ڪانپوءِ تون مٽن جي بابت ۾ ڪجهه به چوندي
ته مان ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. هينئر منهن جي ۽ منهن
جي مٽن جي عزت بچاءِ. هينئر منهن جي عزت
تنهن جي هٿ ۾ آهي."

مون ڪيس چيو ته شادي ڪانپوءِ هڪ ڪم ڪندي
ته تون منهن جي اڳيان ان مٽن ونهندي ۽ نه وري

ڪي ڪٽي لاهي وجهاءِ ته روز، روز جي ڏکن کان
ڇٽي پوندي. هيئنر پيٽ ۾ ڪهڙي ڀلائي ڏيکاريندي
انهي! جوانيءَ ۾ ڪجهه به نه ڪيو ۽ هاڻي هلڻو
آهين پيٽ ۾ ٻچڙن وٺي ماڻهن کي ٻئن جي ڀاڏري
ڏيکارڻ. هيئنر ته ٻچن ته ڪاڻ ٻارن جو اندازو
ڪندو ڪو وڃي. اون ته ٻچڙن لهراءِ ۽ پيٽ ڀرڻ ٻهڪا
وسار ۽ روزه روز جي سور کان ڇٽي پوندين.
ڪاڪي کي ڪاڪيءَ جي ڳالهه اهڙي طرح دل ۾
تير لڳو جهڙي طرح ٻيشم ماڻهن کي ارجن جا تير
لڳا. ڪاڪي جڏهن وڃي ڪاڪيءَ جا اکر پڌا ته
هڪدم سمجهي ويو ۽ آئون پڻ وڃي ”جڳ پورا کي
پڇي“ ڇڏي ٻچڙن صاف ڪري ڇڏيائين ۽ سڀني
ڏکن کان موڪش پاتائين. ڪاڪي وري ڪڏهن به
ٻچن جو ذڪر ڪونه ڪيو. ★

ڪاڪو ويٺو هو ته انهيءَ ۾ ڪاڪي جو پوٽو اچي ويو. جيڪو قريبن ٣-٤ سالن جو هو اهو به اچي ڪاڪي جي پرسان ويٺو.

ڪاڪو پوٽو ڏسي اٿيو ۽ ڀڄڻ لڳو جيئن ڪوئو ڀڄي ٻلي کان. مان سڀ ڪجهه ڏسي رهيو هيس. پر مان ڪجهه به نه سمجهي سگهيس ته ڪاڪو ننڍي پوٽي کان ڇو ٿو ڊڪي؟ ڪاڪي جو پوٽو ڪاڪي جي گود ۾ ويهڻ جي پيو ڪري ته ڪاڪو ڪيس پري، پري پيو ڪري. مان اهو تماشو ڏسي رهيو هيس. مان سوچ ۾ پئجي ويس ته انهيءَ ۾ ڪاڪي جي رڙ ٻڌڻ ۾ آئي، جو ڪاڪي کي زور، زور سان چوٽ لڳي ته توهان کي ههڙو خيال ڪونه ٿو ٿئي جو ننڍي ٻار کي گود ۾ نٿا ويهاريو. ڪيس پيا ڌڪاريو ماڻهو ته پوٽن لاءِ پيا سڪن. توهان پيا ڪيس پري، پري ڪريو. ڪاڪي ڏاڍي نرمي سان چيو، "ڀاڳوان! پوٽا ڪنهن کي نه پيارا هوندا! هي ته منهنجي اکين جو تارو آهي. پر منهن جي مڇن جو دشمن آهي جنهن وقت گود ۾ ٿو ويهي ته يڪدم ٿو مڇن ۾ هٿ وجهي. هن جون مڇون پٽڻ ۾ مون جهڙي پهلوان جي اکين ۾ پاڻي اچڻ لڳو. هاڻي پڌام ته ڪيترائين ويهي اهي سور سهان."

ڪاڪي جواب ڏيندي چيو ته الهيءَ مڇي مڇن

سو منهنجو نه ٻڌائي ته اهڙو حال ٿيو. منهنجي زبان
نه ٻاهر نڪري آئي. شاباش هجي منهنجي ٽرميٽني
کي، جنهن مونکي همت ٻڌي ڏياري. انگريزي
۾ چوندي ٻڌي هلي، "Don't worry, go ahead"
جنهن جو مطلب آهي، "فڪر نه ڪر، اڳتي وڌ."
مان ٻهادرن وانگر اڳتي وڌندو ئي هليس. ٽڪڪار ۾
ٻيهڻو انڪري رهيو هو. ٽڪيٽ منزل تي اچي پهتس.
مون ڏٺو ته ٽڪيٽ ڪلارڪ جهوٽا کائي رهيو هو.
مون چيو، "بابوجي، ٻه ٽڪيٽون سيهون سنڌ
جون مهرباني ڪري ڏي." بابو اکيون ٻيو نهاري چڙڪ
مون سندس ڪيسي مان ڪجهه ڪڍي ورتو آهي.
مون ڪيس وري انگريزي ۾ چيو، "منهنجا
پيارا، مونکي ڪنهن جي موت تي وڃڻو آهي،
مهرباني ڪري جلدي ڪر. گاڏي ڇٽڻ جو وقت
ٿيو آهي مهرباني ڪري ٻه ٽڪيٽون ڏي."
بابوجي چيو، "تون سوال اچين ها."
مون چيو مانس، "پيار، مان گهر مان نڪتو ته
سوال هيس، پر ٻڌائي ته سامان کڻي تي ڪٽي آيو
آهيان. تون منهنجي عمر ڏس. مان ٽڪيٽ ...س،
چالاڪ نه نه ڪولي مليو؛ وري نه ڪو ساٿي مليو
جو چڙهي اچان ها."
بابوجي چوڻ لڳو، "رام جو اسٽيشن تي اچي

ٻٽا رزرويشن مسافري

اسان جي سرڪار ۽ ريلوي جو وزير وڏا
ڪندا آهن ته مسافرن کي گاڏي ۾ چڙهڻ کان و
منزل تي پهچڻ تائين سهولتون مهيا ڪنداسين ا
وعظن ۾ ڪيتري صداقت آهي، سو مان چاهيان
ته هولي جي موقعي تي گهرن جي لاءِ پهچڻ
اڪيلهون وراڻيان. مان ”ٻٽا رزرويشن“ تي مسا
جو آپ بيتي تو ٻڌايان. مونکي رات جي وقت
آلي ته منهنجي ٻاري مڙي ٻيڻ جي حالت
خراب آهي، سو هڪدم گاڏي ۾ چڙهه. مان د
سوچڻ ويس ته ٻٽا رزرويشن مسافري ٻيائي ۾ ص
ڏاڍو مشڪل آهي. ٻر سرڪار جي ڏنل ٻيانن
وشواس رکي، ٻريامت جو ڏر ٻٽي سان گڏ گاڏي
چڙهڻ جو فيصلو ڪيو. مون سان گڏ ٻيڻ ۽ ٻيڻ
گڏ هليا. ٻريامت جو سائي ٣ ٻجي گهر مان نڪ
رستي تي ته ڏاڍگو سيو، ته وري ڪو ڪولي
آنو رڪشا ملي. سامان ڪلهي تي رکي اسٽيشن ڏا
هليس اتان ٻي واس چٽڪ ”ٻولارام“ ڪولي
واو، هميشه ڪولي بار کڻي هلندا آهن، ٻر اڄ
ٻاڻ ڪولي جو ٻارمت ادا ڪري رهيو هوس. چو
آهن، ”چوڻو ڪڏهن ٻير ۾ ته ڪڏهن وري مٿي

وچائي ٨-١٠ سيڪنڊن روڪي آئي هئي. انهن مان
٤ سيڪنڊن اسان کي ڏنائين ڪولي اسان کي ٽانگيڪو
وهاري ٨٠ روپيه وٺي هلندو رهيو. ٿوري وقت ۾
گاڏو پرچي ويو گاڏي ۾ هڪ رڪشڪ آيو ۽ چوڻ
لڳو ته ڪنهن کي ڪجهه به نه ڏجو. مڙي سان وينا
هجو، ڪنهن کي ڪجهه به نه ڪونه ڏنو اٿو! اسان
کيس داد ڏيڻ لڳاسين ته ڪهڙو نه چڱو ماڻس آهي
جو سيٺي جو خيال ٿو رکي. رڪشڪ جي وڃڻ کانپوءِ
١٠-١٥ جڻن جي ٽولي آئي. هڪ، هڪ کان ٢٠-٢٠
روپيه وصول ڪرڻ لڳا. جيڪو نه ٿيو ڏني تنهن
کي ٿڪڙي ڪري گاڏي مان ٻي لاٿائون. حال
اهڙو هو جو مٿي به مات نه مٿي به مات. اهو تماشو
٥-٦ رڪشڪ اڳيان ڏسي رهيا هئا. ڏسڻ ۾ اهين ٿي
آيو ته اهي به ملي هئا. هنن کين ڪجهه به ڪونه ٿي
چيائون. گاڏيءَ ۾ ان ٽن جڻن رڙون واقعا ڪيا ۽
وڏهڻ لاءِ به تيار ٿيا ته هنن مهاشين وري ڪپ
ڪيا. سيٺجي مسافر انهن چپ ٿي ويا جڏهن ڪنهن
جي گهر جو ٻاڙي مري ويو آهي. اسان به چپ
ڪري ويٺا هئاسين. رڪشڪ تماشو ڏسي رهيا هئا.
اٽري ۾ هڪڙو دادا آيو. هو گاڏي ۾ گهڙڻ لڳو ته
هنن لفنگن کيس روڪڻ جي ڪوشش ڪئي ته دادا
هڪ ان جڻن کي اهڙي چماٽ اڪائي ڪئي جو هنن

سمهيون ها."

مون کيس چيو، "مونکي اڄ ڪا پوشيده واٽ نه ڪونه پڌائي وئي ته منهنجي پياري پيڻ گذاري ويندي ته مان اسٽيشن تي اچي سمهان ها!"

منهنجي ڳالهه، ٻڌي باپوجي چپ ٿي ويو. مون کي ٽڪيٽون ٿاهي ڏنائين. مان گاڏيءَ ۾ اچي چڙهيس. گاڏي سڄي خالي هئي. هڪ، هڪ گاڏي ۾ ۴ مسافر ويٺا هئا. مان دل ۾ ڏاڍو خوش ٿيس. لٽ کوڙي سمهي پيس. سرڪار کي دعائون ڏيڻ لڳس ته سرڪار واقع واعدا پورا ڪري رهي آهي. اسان هڪ گاڏي ۾ گهر جا ڀاتي ويٺا هئاسين. رستي جي مسافري مزي ۽ آرام سان گذري. احمدآباد اسٽيشن تي شام جو ۶-۳۰ بجي اچي پهتاسين. رزرويشن ڪرائڻ لاءِ بابوءَ وٽ پهتس، ڪيس سڄي حقيقت ڪري ٻڌايم. هن به همدردي ڏيکارڻ لاءِ ڪاغذن تي آڱريون هلايون. پڇاڙي جو چيائين ته سيٽ ڪونهي آهي. پليٽ فارم تي ٽڪيٽ ڪليڪٽر سان مل. ايشور جو پيارو ڪوئي ڪونه مليو جو مدد ڪري. ليٽ هڪ ڪولي هڪ، هڪ ڄڻي جا ۲۰-۲۰ روپيه گهريا. جنرل گاڏيءَ ۾ ويهارڻ جو واعدو ڪيائين. ڪولي مهاشيه اسان کي گاڏيءَ ۾ ويهاريو. اڳين اسٽيشن کان هڪ جوکري چادر

...و اسان وراهي کڻنداسين. مون چيو تہ ۲۰۰ روپين
...ء ايمان نہ وڪڻو. هو چوڻ لڳا، "ڇاجو ايمان؟
...ڇا جو ڌرم؟ پئسا ڏي نہ تہ هيٺ لهہ." گهرواري
...ڇ ۽ ٻچڙن چوڻ لڳا تہ ڏي پئسا ڇڏاءِ جند. مون
... کين ۸۰ روپيہ ڏنا. هڪ سنڌي سائين ونتو هو.
...هو ۽ ڏاڍا ٻرنگ. پيو ماري ۽ چوي پيو تہ مان تہ
...ين پئسا ڏيان. مون کنهن کي ڪڏهن بہ پئسا
...ڪوا ڏنا آهن. هيءَ وري ڪهڙي کيٽ جي موري
...هن! اچان ڪاڪي چئي اس ڪهو تہ. کيس اچي
...ڪڙ ٻائون، چپائونس تہ پئسا ڪلي. ڪاڪو ڪجھ
...چئي نہ چئي ڏنهن کان اڳم ڏٺي ڳچيءَ بہ هٿ
...ڌائونس. ڪاڪو چوڻ لڳو، "ادا مان مدبو آهيان
...لي نٿو سگهان. مون تي رحم ڪريو. مون کان
...ا روپيہ ونو." هٿن چيس تہ ڏي ۱۰ روپيہ، ٻار
...ڏي ضرور. ڪاڪي روپيہ ڏئي جان ڇڏائي. ڪاڏي
...ڻ لڳي. ٻوءِ تہ سيڪو ڪانءِ واري ڪان، ڪان
...ڪرڻ لڳو. همت تہ ڪنهن کي ڪونہ هئي جو
...لهيءَ وقت ڪچي سگهي. اٿري بہ دادا أئيو ۽
...چوڻ لڳو، "تـوهان بہ اهڪتا ڪونهي. تـوهان بہ
...ڏي ڪونہ آهي. توهان هڪ ٻـي وجو ها تہ هو
...هان کي ڪجھ بہ ڪونہ ڪن ها. توهان ڪمزور
...هيو." دادا ڏاڍا کيان ٻڙا ٻاشڻ ڏهڻ لڳو. اسان

کي ڏينهن جا تارا ڏسڻ ۾ آيا. پيا چٽا دادا جا پير
ڇمڻ لڳا ۽ هٿ جوڙڻ لڳا. مان دل ۾ سوچڻ لڳس
ته واقعي "ڏاڍي ۾ طاقت آهي پهاڙ ڪٽي ٿو
ڪمزور هارائي ٿو." ڪمزور جو ڪوبه ڪونه آهي.
لڦنگا گاڏي ۾ گهڙيا ۽ هڪ منٽن سيٺ دادا لاءِ
خالي ڪرايائون ۽ مسافرن کي اٿاري ڪڍيائون.
دادا کي سڄي سيٽ سمهڻ لاءِ ڏنائون. سندس اُوت
لاهي مٿان ڪان رکائونس. جنهن وقت گاڏي هلڻ
جو وقت ٿيو ته پار منهنجي پٺيان اچي پيا ۽ وڙهڻ
لڳا. مان سوچڻ ويٺس ته هيٺ لهي ٿو وڙهان ته
گاڏي ٿي ڇٽي. جيڪڏهن ڪپ هٽي ڪيندا ته
استعمال ڏسندس. ڪٽي مري ٿو پوان ته زال وڌوا
ٿي پوندي. جيڪڏهن ورى ڪجهه ٿيو ته پيٽ جي
موقت ٿي ڪونه پهچندس. مون ڪين گهڻو ٿي سمجهايو
ڪين خدا جا واسطا وڌم. ڪين چيم ته ڪولي کي
۸۰ روپيه ڏنا اٿم. اي ورى پيل ڇاجي ڏيان؟ چوڻ
لڳا ته ۹۸۰ روپيه ڪٺا ٿيا آهن. خدا کي اسان
سڃاتون ڪونه. ڀڳوان کي مڃون ڪونه. جيڪي
ٿيڻو آهي سو ٿيندو. پر تون اسان کي ۸۰ روپيه ڏي
هڻن سڃهي ٿئين جو ۱۰ سيڪڙو رکشڪ وٺندا.
۲۰ سيڪڙو دادا وٺندو پليٽ فارم جو مالڪ آهي
۲۰ سيڪڙو رهلوي ملازم وٺندا باقي جيڪو بچندو

ـان ويهندا آڻاسين، وٺا رهياسين دادا سهندو
ـئو ٻر سونر وانگر ٻيٺو رهيو.
مون کي، گهرواري، ٻچڙا ۽ ٻچڙوڙي کي ٻڌا
ـزروشن جو جڪو مزو آئو سو وساري نٿو سگهان.
ـارو! توهان کي قسم آهي قلندر جو ٻڌا رزروشن
ـسافري ۽ ڪجو توهان جو حال مون جهڙو ٿيندو.
ـي ۽ حقيقت آهي ٻر مذاق ڪونه آهي-

ٻڌندا رهياسين. رات جو وقت هو گاڏي تيز ڊ
سان هلي رهي هئي. اکين ۾ اڌ ننڊ، اڌ جاڳ هئي
هڪ ٻئي جي مٿان ٿي ڪرياسين. دل ۾ چوڻ لڳس
ته واقعي سرڪار واعدا پورا ڪيا آهن جو آرام سان
مسافري ڪري رهيا آهيون! ايتري قدر جو ٽائليٽ
۾ به نه ٻئي وڃي سگهياسين. پاسو به نه ٻئي بدلائي
سگهياسين. اهڙا دکي هئاسين جو سرڪار کي دکي
دل سان ٿي دعائون گهرسين. سڪي هو ته هڪ دادا
جو آرام سان مٿئين سيٽ تي سمهيو پيو هو. اهي
دادا جي حالت پورولي کان ٢-٣ اسٽيشن اڳ اهڙي
خراب ٿي جو دادا کي پوءِ ٻاٿ وسري ويو. اهي
اسٽيشن تي ٻاڇين وارن اچي چڙهيون. دادا کي
ننگه کان وٺي هيٺ لاٿائون ۽ چيائونس ته کڙي
ٿالهه جو پٽ آهين جو ليٽيو پيو آهين؟ اٿي پيهه
اسان کي ٻاڇين هون نوڪريون رکيون آهن. داد
پڻ ننگن ٽي الين ليٽو هو جڏهن اسڪول ۾ ڪيس
ماستر ڪن کان پڪڙي بينچ تي بيهاريو آهي
ويچاري جو ڪڇڻ ۽ ڳالهائڻ بند ٿي ويو. جهونا ٻي
ڪاڌا لين ٻر ٻاڇين وارن اهڙيون ملهس جو سندس
جهونا سڄاڳي ۾ بدلي ڇڏ ٻائونس. مان دل ۾ سوچ
نڳس ته ايشور وٽ دير آهي پر اندير ڪونه آهي.

هنکي هڪ پٽ ۽ هڪ ڌيءُ راڌا هئي. راڌا ڀاءُ کان وڏي هئي. راڌا جي بيماريءَ جو ٻڌو ڪنهن به ڊاڪٽر کي ڪونه ٿي پيو. رامداس راڌا جي بيماري ڪري ڏاڍو پريشان هو. راڌا کي ڪنهن به ڊاڪٽر مان فائدو ڪونه ٿي ٿيو. راڌا تمام سهڻي هئي. هوءَ ايم اي پاس هئي. راڌا کي گهر ۾ سڀ سڪ ڪندا هئا پر هوءَ هميشه بيمار رهندي هئي. بيماريءَ جي ڪري سندس سهڻي شڪل پيلي ٿي وئي هئي. سندس سونهن غائب ٿي وئي هئي. راڌا جي بيماري ڪوبه ڊاڪٽر ڪونه سمجهي سگهيو. سندس بيماري هئي ته هوءَ هر وقت ڪجهه سوچيندي رهندي هئي. ڇا سوچيندي هئي سا ڪنهن به خبر ڪونه هئي؟ سندس مائٽ پڻ سوچيندا هئا ته ڪنهن ڀوت جي ڇايا لڳي آهي، تنهن ڪري هوءَ هر وقت سوچيندي رهي ٿي. سندس مائٽن ڪيئن سنتن، مهاتمائن ۽ اوجهن کي ڏيکاريو. گهڻيئي جهاڙون ڦوڪائون ۽ ڌاڳا ونيا ڏنا، پر ڪنهن ڪوبه فائدو ڪونه ٿيو. رامداس چئني طرفن کان نااميد ٿي ڪري، راڌا کي ڊاڪٽر منوهر وٽ وٺي آيو. ڊاڪٽر راڌا کي ڏسي چيو، ”سيٺ صاحب راڌا کي ڪابه بيماري ڪونه آهي. هوءَ ٺيڪ ٿي ويندي.“

راڌا منوهر کي ڏسي ڪجهه سوچڻ لڳي. منوهر

غلطي جو احساس

منوهر هڪ هوشيار ڊاڪٽر هو. هن ڊاڪٽري پاس ڪري پنهنجي اسپتال کولي هئي. هو هڪ شريف انسان هو. هو مريضن کي مريض نه، پر پنهنجو هڪ دوست يا مائٽ سمجهندو هو. سندس ڳالهائڻ ۾ مٺاج هو. هو پرائي کي پنهنجو ڪرڻ ۾ ڏاڍو ماهر هو. هن جي منهن تي هميشه مشڪ هوندي هئي. اداسي هن کان ڏهه ڪوهه پري هئي هو غريب جو يار هو، تنهن ڪري ڪيترن غريبن لاءِ همدردي هوندي هئي. هن پنهنجي اسپتال ڀر جي پاسران کولي هئي. سندس گهر ڪافي وڏو هو ۽ هڪ سونهن ڀري گهٽيءَ ۾ هو. گهر ۾ ڪل ٥ ڀاتي هئا. ماءُ، پيءُ، ڀاءُ، ڀيڻ ۽ پاڻ هو منوهر سڀني ۾ وڏو ڀاءُ هو. سندس شادي اڃان ڪونه ٿي هئي. شاديءَ جون ڳالهيون ٿي هليون. سندس هٿ ۾ اهڙي ته شفا هئي جو ڪٿان ڪٿان کان مريض سندس وٽ ايندا هئا. سندس ناموس جي ڪري وڏن گهرن جون مائٽيون اچڻ لڳيون، پر منوهر جي شادي ڪرڻ تي دل ڪونه هئي. هڪڙي ڏينهن سيٺ رامداس پنهنجي بيمار ڌيءَ راڌا کي ڏيکارڻ آيو. سيٺ رامداس شهر جو هڪ وڏو واپاري هو.

هو ڙاڏا جي هر ڪنهن ڳالهه جي جوابداري کڻڻ لاءِ تيار
آهي. ٻورن ڏينهن ڪانپوءِ ٻنهي جي شادي ٿي.
ڙاڏا مهينو ڪن ساهري گهر ٺيڪ هلي پر هوءَ گهر
۾ گهٽ محسوس ڪرڻ لڳي. ڪيس ساهري گهر ۾
عزو ڪونه پي آهو. منوهر کي روز چوندي هئي ته
مونکي گهر پسند ڪونه آهي. ڪنهن ٻوش ڪالونيءَ
۾ هلي رهو. منوهر گهر ڇڏڻ لاءِ تيار ڪونه هو. پر
روز روز جي کٽکٽ کان تنگ ٿي هن ڙاڏا کي
چيو ته هو گهر ڇڏڻ لاءِ تيار آهي، پر اسپتال هٽي
رهندي. ڙاڏا اها ڳالهه قبول ڪئي. منوهر هڪڙي
فلئٽ مسواڙ تي ورتي. ڙاڏا کي انهيءَ فلئٽ ۾
رڪيا ٿين. انهيءَ ٻلڊنگ ۾ منوهر جي گهر ڪانسواءِ
ٻيو ڪو به گهر ڪونه هو. ڙاڏا اڪيلي رهڻ ۾ خوش
